# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 2012

# SINDH ACT NO.III OF 2012

## سنڌ عوامي ملڪيت (حدخليون هٽائڻ) (ٻي ترميم) ايڪٽ، 2011

## THE SINDH PUBLICH PROPERTY (REMOVAL OF ENCROACHMENT) (SECOND AMENDMENT) ACT, 2011

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 2010 جي ايڪٽ نمبر XVIII جي دفعه 12 جي ترميم
Amendment of Section 12 of Act No.XVIII of 2010

3. 2010 جي ايڪٽ نمبر XVIII جي دفعه 23 جي ترميم
Amendment of Section 23 of Act No.XVIII of 2010

4. 2010 جي ايڪٽ نمبر XVIII جي دفعه 26 جي ترميم
Amendment of Section 26 of Act No.XVIII of 2010

5. منسوخي
Repeal

# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريہ 2012
# SINDH ACT NO.III OF 2012

## سنڌ عوامي ملڪيت (حدخليون هٽائڻ) (ٻي ترميم) ايڪٽ، 2011
## THE SINDH PUBLICH PROPERTY (REMOVAL OF ENCROACHMENT) (SECOND AMENDMENT) ACT, 2011

[6 فيبروري 2012]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ عوامي ملڪيت (حدخليون هٽائڻ) ايڪٽ، 2010 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ عوامي ملڪيت (حدخليون هٽائڻ) ايڪٽ، 2010 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي.

ان ڪري هن ريت جوڙجي عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ عوامي ملڪيت (حدخليون هٽائڻ) (ٻي ترميم) ايڪٽ، 2011 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2010 جي ايڪٽ نمبر XVIII جي دفعہ 12 جي ترميم
Amendment of Section 12 of Act No.XVIII of 2010

2. سنڌ عوامي ملڪيت (حدخليون هٽائڻ) ايڪٽ، 2010 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو ان جي دفعہ 12 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"12.(1) ٽربيونلس جي جوڙجڪ ۽ پرزائيڊنگ آفيسرز جي مقرري: حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هر ضلعي لاءِ هڪ ٽربيونل قائم ڪري سگهي

ٿي.

(2)ٽربيونل هڪ پرزائيڊنگ آفيسر تي مشتمل هوندي، اهو شخص جيڪو:

(i) ڊسٽرڪٽ جج يا ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج آهي يا رهيو آهي؛ يا

(ii) سنڌ هاءِ ڪورٽ جو ايڊووڪيٽ رهيو هجي، جنهن جو عرصو ڏهه سالن کان گهٽ نہ هجي.

(3)حڪومت هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سان مشوري بعد ٽربيونل جو پرزائيڊنگ آفيسر مقرر ڪري سگهي ٿي.

(4) پرزائيڊنگ آفيسر اڍائي سالن جي مدي لاءِ عهدو رکندو پر اهڙي وڌيڪ مدي يا ان مدي جي حصي لاءِ ٻيهر مقرر ٿي سگهي ٿو جيئن حڪومت طئي ڪري.

(5)پرزائيڊنگ آفيسر هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي مشوري سان جنهن مدي لاءِ مقرر ڪيو ويو هجي، اهو مدو پورو ٿيڻ کان اڳ هٽائي سگهجي ٿو.

2010 جي ايڪٽ نمبر XVIII جي دفعہ 23 جي ترميم

Amendment of Section 23 of Act No.XVIII of 2010

3.چاڙهايل ايڪٽ جي دفعہ 23 جي ذيلي دفعہ (4) کي ختم ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ ذيلي دفعہ (5) کي ذيلي دفعہ (4) طور ٻيهر نمبر ڏنو ويندو.

2010 جي ايڪٽ نمبر XVIII جي دفعہ 26 جي ترميم

4.چاڙهايل ايڪٽ جي دفعہ 26 ۾، هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

“26. (1) خصوصي عدالتن جي پرزائيڊنگ آفيسرن

| | |
|---|---|
| جي جوڙجڪ ۾ مقرري: اسپيشل ڪورٽ هڪ پرزائيڊنگ آفيسر تي مشتمل هوندي، جيڪو شخص:<br>(i) سيشن جج يا ايڊيشنل سيشن جج آهي يا رهيو آهي؛ يا<br>(ii) سنڌ هاءِ ڪورٽ جو ايڊووڪيٽ رهيو هجي، جنهن جو عرصو ڏهه سالن کان گهٽ نه هجي.<br>(2)حڪومت هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس سان مشوري بعد خصوصي عدالت لاءِ جج مقرر ڪري سگهي ٿي.<br>(3) جج ايڊائي سالن جي مدي لاءِ عهدو رکندو پر اهڙي وڌيڪ مدي يا ان مدي جي حصي لاءِ ٻيهر مقرر ٿي سگهي ٿو جيئن حڪومت طئي ڪري.<br>(4)جج هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جي مشوري سان جنهن مدي لاءِ مقرر ڪيو ويو هجي، اهو مدو پورو ٿيڻ کان اڳ هٽائي سگهجي ٿو.<br>(5)دفعه 25 تحت جوڙيل خصوصي عدالت کانسواءِ ڪنهن عدالت کي هن ايڪٽ تحت سزا لائق ڏوهه تي دائره اختيار حاصل نه هوندو سواءِ ان جي ته ڊائريڪٽر جنرل يا ڊائريڪٽر طرفان ان سلسلي ۾ بااختيار بڻايل شخص طرفان لکت ۾ درخواست ڪئي وڃي.". | Amendment of Section 26 of Act No.XVIII of 2010 |
| 5. سنڌ عوامي ملڪيت (حددخليون هٽائڻ) (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2011 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو. | منسوخي<br>Repeal |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**